دعوتِ اسلامی
DAWAT-E-ISLAMI
رسالہ نمبر: 137

# امام حسن رضی اللہ تعالٰی عنہ جون 30 حکایتون




شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال
محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

مکتبۃ المدینہ
www.dawateislami.net

# امامِ حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون 30 حڪايتون

هي رسالو "**امام حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون** 30 **حڪايتون**" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامه مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي .

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو .

پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)


رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز

فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي مندي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 — Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# امام حسن رضی اللہ عنہ جون 30 حڪايتون

شيطان يلي ڪيتري ئي سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ معلومات سان گڏو گڏ حضرت امام حسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي محبت دل ۾ موجون مارڻ لڳندي.

## دُرود پاڪ لکڻ جي برڪت

حضرت سيدنا ابو الْعَبَّاس اُقْلِيْشِي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪي وفات کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو: اوهان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪي هي مقام ڪيئن حاصل ٿيو: جواب ڏناؤن: پنهنجي ڪتاب ”اَلْاَرْبَعِيْن“ ۾ ڪثرت سان درود شريف لکڻ جي سبب کان. (القول البديع، ص 467)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) خشڪ (سڪل) وڻ تي تازا ڪجورون

عارِف بِاللہ حضرت سَيِّدُنا نورُالدِّين عبد الرحمٰن جامي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امامِ عالي مقام حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ سفر جي دوران ڪجورن جي باغ کان گذريا جنهن جا سڀ وڻ خُشڪ ٿي چڪا هئا. حضرتِ سَيِّدُنا عبدُاللہ اِبْنِ زُبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا به هن سفر ۾ گڏ هئا. حضرت امامِ حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ هن باغ ۾ قيام فرمايائون. خادم هڪ سڪل وڻ جي هيٺان آرام جي لاءِ بسترو وڇائي ڇڏيو. حضرتِ سَيِّدُنا عبدُاللہ اِبْنِ زُبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا عرض ڪيو: اي نواسہ

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

رسول (اي رسول الله جا ڏهٽا)! ڪاش! هن سڪل وڻ تي تازيون ڪجورون هجن ها! تہ اسان سير ٿي ڪري کائون ها. هي ٻڌي ڪري حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ آهستي آواز ۾ ڪا دعا پڙهي، جنهن جي بَرَڪت سان ٿوري دير ۾ اهو سڪل وڻ سرسبز ۽ شاداب ٿي ويو ۽ ان ۾ تازا پڪل ڪجورون اچي ويون. هي منظر ڏسي هڪ شُتُربان (يعني اُٺ هڪلڻ وارو) چوڻ لڳو: هي سڀ جادو جو ڪرشمو آهي. حضرتِ سَيِّدُنا عبدُالله اِبنِ زُبير رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُمَا ان کي دڙڪا ڏنا ۽ فرمايائون: توبهه ڪر، هي جادو ناهي بلڪ شهزاده رسول جي مقبول دعا آهي. پوءِ ماڻهن وڻ مان ڪجورون پٽيون ۽ قافلي وارن خوب کاڌيون. (شواهد النبوة، ص 227)

راکبِ دوشِ شہنشاہ امم     یا حسن ابن علی! کر دو کرم!
فاطمہ کے لال حیدر کے پسر!     اپنی الفت دو مجھے دو اپنا غم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) وِلادت کان پهريان بِشارت

رسولِ اڪرم، نُورِمُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي جان حضرتِ سَيِّدَتُنا اُمُّ الْفَضَل رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا اوهان سان پنهنجو خواب عَرض ڪيو: ”يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان جي مُبارَڪ جسم جو حصّو منهنجي گهر آيو آهي“ هي ٻڌندي ئي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

جن ارشاد فرمايو: ”توهان سنو خواب ڏٺوآهي، فاطمه وٽ پُٽ پيدا ٿيندو ۽ توهان ان کي ڪير پياريندئيون.“ جڏهن سَيِّدَتُنا فاطِمَةُ الزَّهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ولادت ٿي تہ حضرتِ سَيِّدَتُنا اُمُّ الْفَضَل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا سندن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ڪير پياريو. (الذرية الطاهرة للدولابي، ص 72)

## ولادتِ باسعادت ۽ نالو ۽ لقب

امامِ عالي مقام، امامِ هُمام، امامِ عرش مقام حضرتِ سَيِّدُنا امام حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وِلادتِ باسعادت 15 رَمَضانُ الْمبارَڪ 3 هجري ۾ ٿي. (الطبقات الكبير لابن سعد، ج 6 ص 352) اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو مُبارَڪ نالو: حَسَن، ڪُنْيَت: ابو محمد ۽ لقَبَ: تقي، سيّد، سِبطِ رسول ۽ سِبطِ اڪبر آهن، اوهان کي رَيْحَانَةُ الرَّسُوْل (يعني رسول خدا جا گل) بہ چوندا آهن.

کیا بات رضا اس چمنستانِ کرم کی
زہرا ہے کلی جس میں حسین اور حسن پھول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هم شڪلِ مصطفٰي

حضرت سَيِّدُنا اَنَس بن مالِڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ (امامِ حَسَن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان وڌيڪ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان (شڪل ۾) ڪو بہ شخص نہ ملندو نہ هو. (بخاري ، ج 2 ، ص 547، حديث 3752)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

# اهڙو پُٽ ڪنهن ماءُ نہ ڄڻيو!

حضرتِ سَيِّدُنا عبدُالله اِبْنِ زُبير رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا بہ ٻين صَحابہ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي طرح نواسہ رسول حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان تمام گهڻي محبَّت فرمائيندا هئا. هڪ موقعي تي اوهان رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! عورتن حَسَن بن علي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جهڙو فرزند نہ ڄڻيو. (البداية والنهاية، ج. 5، ص. 524)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# شَفْقتِ مصطفٰي مرحبا! مرحبا!

منا منا اسلامي ڀائرو! نبيِّ رَحمت شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان تمام گهڻي محبَّت هئي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڪڏهن آغوشِ شَفْقت (يعني مبارڪ هنج) ۾ ويهاري تہ ڪڏهن دوشِ اَقْدَس (يعني مبارڪ ڪلهن) تي سوار ڪري گهر مبارڪ کان ٻاهر تشريف کڻي ايندا ۽ ڪڏهن شهزادي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڏسڻ ۽ پيار ڪرڻ جي لاءِ سَيِّدَه فاطِمہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر مبارڪ ۾ تشريف کڻي ايندا ۽ حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بيحد مانوس (يعني ملي) ويندا هئا جو ڪڏهن نماز جي حالت ۾ مبارَڪ پُٺيءَ تي سوار ٿي ويندا ڪڏهن وري رِيش (يعني ڏاڙهي) مبارڪ سان کيڏندا هئا.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو (طبراني)

## (3) راڪبِ دوشِ مصطفٰي

هڪ ڀيري حُضُور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سَيّدُنا امامِ حَسَنِ مُجۡتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي شانہ اقدس (يعني مبارڪ ڪلهن) تي سوار ڪيائون تہ هڪ صاحِب عرض ڪيو: ”نِعۡمَ الۡمَرۡكَبُ رَكِبۡتَ يَا غُلَام“ يعني صاحبزادا! اوهان جي سواري تہ تمام سٺي آهي. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”وَ نِعۡمَ الرَّاكِبُ هُوَ“ يعني سوار بہ تہ ڪهڙو نہ سٺو آهي! (ترمذي، ج. 5، ص. 432، حديث 3809)

وہ حسن مجتبٰی سید الاسخیا		راکبِ دوشِ عزّت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڏسندا تہ روئي ڏيندا

حضرت سَيِّدُنا ابُو هُرَيۡرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: مان جڏهن (امامِ حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي ڏسندو هيس تہ منهنجي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا ها ڇو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن ٻاهر تشريف ڪٺي آيا مون کي مسجد ۾ ڏٺائون، آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙيو، پوءِ مان بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هلي پيُس، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون سان ڪا ڳالهہ نہ ڪئي ايسيتائين جو اسان بَنُو قَيۡنُقَاع جي بازار ۾ پهچي وياسين ۽ پوءِ وري اسان اتان ڪان واپس موٽياسين تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جن فرمايو: ”ننڍو ٻار ڪٿي آهي؟ انهن کي مون وٽ آڻيو!“ حضرت سَيِّدُنا ابُو هُرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون ڏٺو: (امامِ حَسَن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ ڊڪندا آيا ۽ پياري مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارَڪ هنج ۾ ويهي رهيا، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زَبَان مُبَارَڪ انهن جي مُنهن ۾ وڌي ۽ ٽي ڀيرا ارشاد فرمايائون: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان هن کي مَحبوب (يعني پيارو) رکان ٿو تون به هن کي مَحبوب (يعني پيارو) رک ۽ جيڪو هن سان محبَّت ڪندو هجي ان کي به مَحبوب (پيارو) رک.“ (الادب المفرد، ص. 304، حديث 1183)

فاطمہ کے لال حیدر کے پسر! اپنی الفت دو مجھے دو اپنا غم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) اي منهنجا سردار!

تابِعي بُزُرگ حضرتِ سَيِّدُنا ابُوسَعِيد مَقبَرِي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا:اسان حضرت سَيِّدُنا ابُو هُرَيْرَه رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ سان گڏ هئاسين، حضرتِ سَيِّدُنا امام ِحَسَن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ به اتي تشريف ڪٺي آيا ۽ اسان کي سلام ڪيائون، اسان سلام جو جواب ڏنوسين پر حضرت سَيِّدُنا ابُو هُرَيْرَه رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ کي (سلام ڪرڻ جي) خبر نه پئي. اسان عرض ڪيو: اي ابُو هُرَيره! (حضرتِ امامِ) حَسَن بن علي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا اسان کي سلام ڪيو آهي. ته پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ فورًا (حضرتِ امامِ) حَسَن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي طرف متوجه ٿيا ۽ فرمايو: 'وَعَلَيْكَ السَّلَام يَا سَيِّدِى'! يعني اي منهنجا

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

سردار! اوهان تي بہ سلامتي هجي. مون نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ بيشڪ حَسَن ”سيّد“ (يعني سردار) آهي. (المستدرڪ، ج. 4، ص. 161، حديث 4845)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) هي منهنجو گل آهي

حَضرَتِ سَيِّدُنا ابُو بَڪره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي نماز پڙهائي رهيا هئا تہ (حضرتِ امامِ حَسَن بن علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جيڪي اجا ننڍا هوا تشريف ڪٺي آيا. جڏهن بہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَجدو فرمائيندا (حضرتِ امامِ) حَسَن مُجتَبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گردن شريف ۽ پُٺي مبارڪ تي ويهي رهندا هئا. حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت آرام سان پنهنجو سرِ اقدس سَجدي مان ڪٽندا ۽ انهن کي شفقت سان لاهيندا. جڏهن نماز مڪمل ٿي وئي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ٻار سان اوهان اهڙي انداز سان پيش اچو ٿا جو ڪنهن ٻئي سان اهڙو سلوڪ ناهيو فرمائيندا؟ ارشاد فرمايائون:” هي دنيا ۾ منهنجو گل آهي.“ (مسند بزار، ج. 9، ص. 111، حديث 3657 ملخصا)

ان دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں
کیجے رضا حشر میں خنداں مثال گل
(حدائقِ بخشش ص 77)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويندو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

## (7) منهنجو هي پُٽ سردار آهي

حَضرَتِ سَيِّدُنا ابُو بَكرہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿاته مون ڏٺو ته سرڪارِنامدار،مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منبر تي جلوه گر هئا ۽ (امامِ) حَسَن بن علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برابر ۾ هئا. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن ماڻهن جي طرف توجهه فرمائيندا ۽ ڪڏهن (امامِ) حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي طرف نظر فرمائيندا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”منهنجو هي پُٽ سيِّد (يعني سردار) آهي، اَللّٰه عزّوجل ان جي بدولت مسلمانن جي ٻن وڏين جماعتن ۾ صُلَح فرمائيندو“

(بخاري، ج. 2، ص. 214، حديث 2704)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (8) امام حَسَنِ مُجْتَبٰي جي خلافت

اَميرُ الْمُؤمنين حضرتِ سَيِّدُنا عليُّ الْمُرتضٰي شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي شهادت کان پوءِ حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مسندِ خلافت تي جلوه افروز ٿيا ته ڪوفي وارن اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دستِ مبارڪ تي بيعت ڪئي. اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اتي ڪجهه عرصو قيام فرمايو پوءِ ڪجهه شرائط سان گڏ خلافت جا معاملات حضرتِ سَيِّدُنا اَميرِ مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سپرد فرمائي ڇڏيا. حضرتِ سَيِّدُنا اَميرِ مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تمام شرائط قبول ڪيا ۽ پاڻ ۾ صلح ٿي ويو. ائين تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هي

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

معجزو ظاهر ٿيو جيڪو اوهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هن فرزند جي بدولت مسلمانن جي ٻن جماعتن ۾ صُلَح فرمائيندو. (سوانح ڪربلا، ص 96)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (9) امامِ حَسن مُجتبٰي جو خطبو

حضرتِ سيِّدُنا شيخ يُوسُف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرتِ سيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرتِ سَيِّدُنا اَمِيرِ مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي بيعت ڪري ڇڏي ۽ امورِ خلافت ان جي حوالي فرمائي ڇڏيا تہ حضرتِ سَيِّدُنا اَمِيرِ مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪوفي اچڻ کان پهريان امامِ حَسَن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ماڻهن کي خطاب ڪندي ارشاد فرمايو: ”اي انسانو! بيشڪ اسان توهان جا مهمان آهيون ۽ توهان جي نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهلِ بيت آهيون، جن سان الله عَزَّوَجَلَّ هر قسم جي ناپاڪي دُور ڪري ڇڏي ۽ انهن کي خوب سٿرو فرمائي ڇڏيو.“ هي ڪلمات (يعني جملا) اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بار بار دهرايا ايسيتائين جو مجلس ۾ موجود هر شخص روئڻ لڳو ۽ ان جي روئڻ جي آواز پري تائين ٻُڌي وئي.

(برڪاتِ آلِ رسول، ص 138)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

## (10) دنيا جي شرم عذابِ آخِرت کان بهتر آهي

حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجۡتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جڏهن خلافت کان دستبردار ٿي ويا ته ڪجهه ناواقف ماڻهو اوهان کي "يَا عَارَ الۡمؤمِنِين" (يعني مسلمانن جي لاءِ باعثِ شرم) چئي ڪري پڪاريو، ان تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائيندا هئا: عار، نار کان (يعني دنيا جي هي شرم عذابِ آخرت کان) بهتر آهي. (الاستيعاب، ج 1، ص 438)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان پهريون غوثِ اعظم

امامِ حَسَنِ مُجۡتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي عاجزي مرحبا! ترڪِ خلافت جي بدلي ۾، الله تعالٰي اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي غوثِ اعظم جو رتبو عطا فرمايو. جيئن ته فتاوي رضويه جلد 28 صفحه 392 تي علّامه علي قاري حنفي مڪّي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي حوالي سان نَقل آهي: "بيشڪ مون کي اڪابر (يعني بزرگن) کان پهتو ته سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجۡتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جڏهن فتني ۽ بلا جي خيال کان (يعني مسلمانن ۾ فساد ختم ڪرڻ جي خيال کان) هي خلافت ترڪ فرمائي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي بدلي اُن ۾ ۽ اُن جي اولاد مبارڪ ۾ غوثيتِ عظمٰي جو مرتبو رکيو. پهريون قطبِ اڪبر (غوث اعظم) خود حُضُور سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجۡتَبٰي ٿيا ۽ اوسط (يعني وچ) ۾ صرف حضورسيِّدُنَا عَبۡدُالقادر ۽ آخِر ۾ حضرتِ امامِ مهدي ٿيندا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم." (فتاوٰي رضويه، ج 28، ص 392)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

## خلافتِ راشده

نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ خليفہ برحق ۽ امامِ مُطْلَق حضرتِ سَيِّدُنا اَبُوبَڪر صديق، پوءِ حضرتِ عُمَر فاروق، پوءِ حضرتِ عُثْمانِ غنيّ، پوءِ حضرتِ مولٰي علي پوءِ ڇهہ مهينن جي لاءِ حضرتِ سَيِّدُنا امام ِحَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم ٿيا، انهن حضرات کي خلفاءِ راشدين ۽ انهن جي خلافت کي خلافتِ راشده چوندا آهن.

(بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 241)

## (11) اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مان هن سان محبت ڪريان ٿو

حضرتِ سَيِّدُنا بَراء بن عازِب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون ڏٺو تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (امامِ) حَسَن بن علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کي ڪلهن تي کنيو آهي ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪري رهيا آهن: ”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُحِبُّهُ فَاَحِبَّهُ“ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان هن سان محبّت ڪريان ٿو تون بہ هن سان محبت فرماءِ .

(ترمذي، ج. 5، ص. 432، حديث 3808)

يا حسن! اپني محبت ديجئے! عشق ميں اپنے ہميں گم کيجئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (12) مُني جي پيدائش

عارِف بِالله، حضرتِ سَيِّدُنا نورُ الدِّين عبدالرحمٰن جامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه (وفات 989 هه) نقل فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَن

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس . (ڪنزالعمال)

مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حج جي موقعي تي مڪَّةُ الْمُڪَرَّمہ پيدل تشريف کڻي وڃي رهيا هئا تہ دورانِ سفر اوهان جي پيرن مبارڪن ۾ سوڄ اچي وئي، غلام عرض ڪيو: حُضُور! ڪنهن سواري تي سوار ٿي وڃو تہ جيئن قدمن جي سوڄ گهٽ ٿي وڃي، امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن غلام جي درخواست قبول نہ ڪئي ۽ فرمايائون: جڏهن پنهنجي منزل تي پهچو تہ اتي توهان کي هڪ حبشي ملندو، ان وٽ تيل هوندو، توهان ان کان اهو تيل خريد ڪري وٺجو. اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي غلام چيو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قُربان! اسان ڪنهن بہ جڳهہ تي ڪو اهڙو ماڻهو ناهي ڏٺو جو ڪنهن وٽ اهڙي دوا هجي. اهڙي جڳهہ ڪٿي دستياب ٿيندي؟ جڏهن اهي پنهنجي منزل تي پهتا تہ اهو حَبَشي ڏسڻ ۾ آيو. امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: هي اهوئي حبشي آهي جنهن جي باري ۾ توهان کي چيو هو، وڃو ان کان تيل خريد ڪريو ۽ قيمت ادا ڪريو. غلام جڏهن تيل وٺڻ جي لاءِ حَبَشي وٽ ويو ۽ تيل جو پڇيو تہ حبشي پڇيو: ڪنهن جي لاءِ خريد ڪري رهيا آهيو؟ غلام چيو: امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ. حبشي چيو: مون کي امام حسنِ مجتبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ وٺي هلو، مان سندن جو غلام آهيان. جڏهن حَبَشي حضرتِ امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ آيو تہ عَرَض ڪيو: حضور! مان اوهان جو غلام آهيان، اوهان کان تيل جي قيمت نہ وٺندس، منهنجي زال ويم جي سور ۾ مبتلا آهي، دعا فرمايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ عافيت سان اولاد عطا فرمائي. حضرتِ امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: گهر وڃو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي اهڙو ئي پٽ عطا فرمائيندو جهڙو توهين چاهيو ٿا ۽ اهو

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.(طبراني)**

اسان جو پيروڪار رهندو. حَبَشي گھر پهتو ته گھر جي حالت اهڙي ئي هئي جهڙي ان امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رضي الله تعالٰی عنه کان ٻُڌي هئي.

(شواهد النبوة، ص 227)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (13) سرمي ۾ خوشبو سان مهماني

اميرُ الْمؤمِنين حضرتِ سيِّدُنا عُثمانِ غني رضي الله تعالٰی عنه نڪاح جي دعوت ۾ شرڪت جي لاءِ (حضرتِ سَيِّدُنا اِمامِ) حَسَن بن علي رضي الله تعالٰی عنه کي پيغام موڪليو. جڏهن اوهان رضي الله تعالٰی عنه تشريف ڪٺي آيا ته اميرُ الْمؤمِنين حضرتِ سيِّدُنا عُثمانِ غني رضي الله تعالٰی عنه پاڻ سان گڏ مسند (مَس - نَد) تي ويهاريو. حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رضي الله تعالٰی عنه ٻڌايو: منهنجو روزو آهي، جيڪڏهن منهنجي علم ۾ هي ڳالهه پهرين اچي وڃي ها ته اوهان دعوت فرمائيندو ته مان (نفل) روزو نه رکان ها. حضرتِ سيِّدُنا عُثمانِ غني رضي الله تعالٰی عنه ارشاد فرمايو: اوهان چاهيو ته اوهان رضي الله تعالٰی عنه جي لاءِ اهو ئي اهتمام ڪيو وڃي جيڪو هڪ روزه دار جي لاءِ ڪيو ويندو آهي. حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رضي الله تعالٰی عنه پڇيو: روزه دار جي لاءِ ڇا اهتمام ڪيو ويندو آهي؟ ارشاد فرمايو: ”اهو هي ته روزه دار کي سرمو ۾ خوشبو لڳائي وڃي“ پوءِ اميرُ الْمؤمِنين حضرتِ سيِّدُنا عُثمانِ غني رضي الله تعالٰی عنه سرمو ۾ خوشبو گھرائي ۽ اوهان رضي الله تعالٰی عنه کي هي ٻئي شيون لڳايون ويون.

(تاريخ المدينة المنورة، جز3، ص 984)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهل بيت! هن حِڪايت مان اسان کي هي مدَني گل حاصل ٿيا: جيڪڏهن مسلمان ڀهريان کان کاڌي جي دعوت ڏئي ته موقع جي مناسبت سان ان جي دلجوئي جي خاطر نفل روزو ترڪ ڪري ڇڏڻ مناسب آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (14) ننڍپڻ ۾ حديث ٻڌي ياد ڪري ڇڏي

تابِعي بُزُرگ حضرتِ سَيِّدُنا ابُوالحَوَرَاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَن بن علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان پڇيو: اوهان کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌل ڪا حديث ياد آهي؟ فرمايو:هي حديث ياد آهي جو (ننڍپڻ ۾) هڪ ڀيري مان صدقي (يعني زڪوٰة) جي کجورن مان هڪ کجور کڻي منهن ۾ وجهي ڇڏي ته نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي مُنهن مان اها کجور ڪڍي ۽ صدقي جي کجورن ۾ واپس رکي ڇڏي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن هڪ کجور انهن کڻي ورتي ته ان ۾ ڇا حرج آهي؟ پياري آقا مکي مدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اِنَّا اٰلُ مُحَمَّدٍ لَا تَحِلُّ لَنَا الصَّدَقَةُ“ يعني اسان آلِ محمد جي لاءِ صدقي جو مال حلال نه آهي. (اسد الغابة، ج. 2، ص. 16)

مُفسّرِشهير، حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مرأة جلد 3 صفحه 46 تي لکن ٿا: ”پنهنجي ناسمجهه اولاد کي ٻه ناجائز ڪم نه ڪرڻ ڏيو. اهو ڏسو! حضرتِ حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان وقت تمام

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي . (ترغيب وترهيب)

ڪمسن (يعني گهٽ عمر) هئا پر حُضُورِاَنوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي بہ زکوٰة جو ڇوهارو (يعني سڪل کجور) نہ کائڻ ڏني“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پياري ڏهٽي سَيِّدُنا امامِ حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ڪهڙي پياري تربيت فرمائي! هن روايت مان اسان جي لاءِ هي مدني گل آهي تہ ٻارن جي تربيت ابتدائي عمر کان ئي ڪرڻ گهرجي. عمومًا ڏٺو ويو آهي تہ والِدَين ٻارن جي تربيت جو صحيح حق ادا ناهن ڪندا ۽ ننڍپڻ ۾ سٺي بري جي تميز ناهن سيکاريندا ۽ جڏهن اها اولاد وڏي ٿي ويندي آهي تہ پوءِ اهڙا والدين پنهنجي اولاد جي نافرماني جي ڪري روئندا نظر ايندا آهن. ماءُ پيءُ کي گهرجي تہ ننڍپڻ کان ئي پنهنجي اولاد جي تربيَّت شريعت ۽ سنَّت جي مطابِق ڪري. ٻارسمجهي ڪري انهن کي ڇوٽ نہ ڏئي ۽ نہ هي چئي ڪري ان جي تربيَّت کي نظر انداز ڪن تہ هاڻي تہ ٻار آهي جڏهن وڏو ٿيندو تہ پاڻي سمجهي ويندو.

## ٻارن کي سٺو ادب سيکاريو

ٻارن کي سٺي تربيت جي متعلق فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: پنهنجي اولاد سان حسن سلوڪ ڪريو ۽ ان کي سٺو ادب سيکاريو. (ابن ماجہ، ج. 4، ص. 189، حديث 3671)

## توهان کان توهان جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو

حضرتِ سَيِّدُنَا عَبۡدُ اللهِ بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا هڪ شخص کي فرمايو:پنهنجي ٻارن جي سٺي تربيت ڪريو ڇو تہ توهان کان توهان

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي . (حاڪم)

جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ توهان ان جي ڪهڙي تربيت ڪئي ۽ توهان ان کي ڇا سيکاريو؟ (شعب الايمان، ج. 6، ص. 400، حديث 8662)

خُو مٹے بے کار باتوں کی، رہے لب پہ ذکراللہ میرے دم بدم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (15) هٿوهٿ ضَرورت پوري ڪري ڇڏي

حضرتِ سَيِّدُنا امام ِحَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ هڪ سائل حاضِر ٿي ڪري تحريري درخواست پيش ڪئي. اوهان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ بغير پڙهندي فرمايو: توهان جي ضرورت پوري ڪئي ويندي. عرض ڪيو ويو: اي نواسہ رسول رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ! (اي رسول الله جا ڏهٽا) اوهان هن جي درخواست پڙهي ڪري جواب ڏيو ها. ارشاد فرمايو: جيسيتائين مان ان جي درخواست پڙهان اهو منهنجي سامهون ذلّت جي حالت ۾ بيٺو رهي ها. پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇي ها تہ تو سائل کي ايتري دير بيهاري ڇو ذليل ڪيو؟ تہ مان ڪهڙو جواب ڏيان ها . (احياء العلوم، ج. 3، ص. 304)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (16) ڏهہ هزار درهم سان نوازي ڇڏيو

حضرتِ سَيِّدُنا امام ِحَسَن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ جي پر ۾ ويهي ڪري هڪ ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ کان ڏهہ هزار درهم جو سوال ڪري رهيو هو، جيئن ئي اوهان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ جن ان حاجت مند کي هي دعا ڪندي ٻڌو تہ

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

فورًا پنهنجي گهر تشريف ڪٺي آيا ۽ ان شخص لاءِ ڏهہ هزار درهم موڪلي ڇڏيائون.

ميرا دل کرتا ہے ميں بھی حج کروں ہو عطا زادِ سفر چشمِ کرم!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (17) حاجي تي احسان ڪرڻ وارا بخشيا ويندا آهن

حضرتِ سَيِّدُنا ابُوهَارُون رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:هڪ دفعي اسين حج جي ارادي سان نڪتاسين، جڏهن مديني منوّره پهتاسين تہ (حضرتِ سيّدنا امام) حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زيارت لاءِ بہ حاضر ٿياسين، سلام ۽ دعا کان بعد حج جي سفر جا احوال سندن کي عرض ڪياسين، جڏهن اسان واپس اچڻ لڳاسين تہ (سَيِّدُنا امامِ) حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن اسان مان هر شخص جي لاءِ چار سو درهم موڪليائون .اسان رقم آڻڻ واري شخص کي چيو تہ: اسان تہ مالدار ۽ دولت مند آهيون ،اسان کي انهن جي حاجت نہ آهي. ان چيو: اوهان حضرات (امامِ) حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڀلائي کي واپس نہ موٽايو. پوءِ اسان (حضرتِ سَيِّدُنا امامِ) حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خدمتِ بابَرَڪت ۾ حاضر ٿياسين ۽ پنهنجي مالدار هئڻ جي باري ۾ عرض ڪيو. فرمايائون:منهنجي عملِ خير (يعني ڀلائيءَ جي ڪم کي) موٽايو نہ، جيڪڏهن منهنجي موجوده حالت اهڙي نہ هجي ها تہ هي رقم (قبول نہ ڪرڻ) اوهان لاءِ آسان هجي ها، مان تہ اوهان حضرات کي رستي جو خرچ پيش ڪري رهيو آهيان، اللہ عَزَّوَجَلَّ عَرَفات واري ڏينهن پنهنجن ٻانهن جي متعلّق فخر ڪندي ارشاد فرمائيندو آهي :منهنجا

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

بانها پرگنده حال (حيران ۽ پريشان) منهنجي بارگاهہ ۾ رحمت جا سوالي بڻجي حاضر آهن، مان توهان کي گواهہ بڻايان ٿو تہ آءُ انهن تي احسان ڪرڻ وارن کي بخشي ڇڏيو ۽ انهن کان برو سلوڪ ڪرڻ وارن جي حق ۾ انهن جي مُحسِن (يعني احسان ڪرڻ واري) جي شفاعت قبول ڪري ورتي. الله عَزَّوَجَلَّ جمعي جي ڏينهن بہ ائين ئي فرمائيندو آهي. (ابن عساڪر، ج. 13، ص. 248)

## (18) مهمان نواز ٻيڙي (پوڙهي)

حَسَنَيْنِ ڪريمين (يعني حَسَن ۽ حُسين ) ۽ عَبۡدُالله اِبۡنِ جَعۡفَر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم ٽئي حجّ جي لاءِ وڃي رهيا هئا ،ڪاڏي پيتي ۽ ساز سامان جو اُٺ گهڻو پوئتي رهجي ويو هو. بک ۽ اڃ کان بيقرار ٿي ڪري هي حضرات رستي تي هڪ ٻيڙي عورت جي خيمي ۾ ويا ۽ ان کي فرمايائون :اسان کي اڃ لڳي آهي. هن هڪ ٻڪريءَ جو کير ڪڍي انهن ٽنهن کي پيش ڪيو .کير پي انهن فرمايو: ڪجهہ کائڻ جي لاءِ آڻيو! ٻيڙيءَ چيو کائڻ لاءِ تہ ڪجهہ موجود نہ آهي اوهان انهيءَ ٻڪريءَ کي ذبح ڪري کائي وٺو. انهن ائين ڪيو،کائڻ پيئڻ کان فارغ ٿي انهن چيو: اسان قريشي آهيون جڏهن سفر کان موٽي اينداسين تہ اوهان اسان وٽ اچجو اسان اوهان جي احسان جو بدلو ڏينداسين. هي چئي ڪري هي ٽئي حضرات اڳتي روانہ ٿي ويا، جڏهن ان پوڙهي عورت جو مڙس آيو تہ ناراض ٿيو تہ تو ٻڪري اهڙن ماڻهن جي لاءِ ذبح ڪرائي ڇڏي جن سان نہ اسان جي واقفيت هئي ۽ نہ دوستي. هن واقعي کي ڪجهہ وقت گذري ويو.ان ٻيڙيءَ ۽ سندس مڙس کي مدينہ منوّره وڃڻ جي ضرورت پئي، اهي اتي

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

پهتا ۽، اُٺ جا (ليڏوٽا) ميڙي وڪڻڻ لڳا (تہ جيئن پنهنجو پيٽ پري سگهن) .هڪ ڏينهن اها ٻڍڙي ڪيڏانهن وڃي رهي هئي تہ حضرتِ سيّدنا امام حَسَن جي مڪانِ عاليشان جي قريب کان گذري ان وقت اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ دروازي تي بينل هئا .ٻڍڙيءَ تي جيئن ئي نظر پئي ان کي سڃاڻي ورتو ۽ ان کي فرمايائون: اي خاتون! توهان مونکي سڃاڻيو ٿيون؟ ان چيو: نہ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو مان اهوئي آهيان جيڪو فلاڻي ڏينهن تنهنجو مهمان ٿيو هيس .ان چيو چڱو اوهان اهي آهيو؟ ان کان پوءِ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن ان ٻڍڙيءَ کي هڪ هزار ٻڪريون ۽ هڪ هزار درهم عطا فرمايا ۽ پنهنجي غلام سان گڏ ان کي حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ موڪليو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ٻڍڙيءَ کان پڇيو اي خاتون منهنجي ڀاءُ اوهان کي ڇا ڏنو؟ ان چيو: هڪ هزار ٻڪريون ۽ هڪ هزار دينار عطا فرمايا آهن، حضرتِ سيّدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بہ اوترو ئي انعام ان کي عطا ڪيو ۽ پنهنجي غلام سان گڏ حضرتِ سَيِّدُنا عَبۡدُالله اِبۡنِ جعفر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ موڪليو، انهن ٻڍڙيءَ کان دريافت ڪيو حسنينِ ڪريمين اوهان کي ڪيترو مال ڏنو آهي؟ ان چيو: ٻنهي حضرات بہ هزار ٻڪريون ۽ بہ هزار دينار عنايت فرمايا آهن.

حضرتِ سيّدنا عبد الله اِبنِ جعفر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن بہ ان کي بہ هزار دينار ۽ بہ هزار ٻڪريون عطا فرمايون ۽ ائين اها ٻڍڙي عورت چار هزار ٻڪريون ۽ چار هزار دينار وٺي پنهنجي مڙس وٽ پهتي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

## (19) سڀ ڪجهه خيرات ڪري ڇڏيائون

راڪِبِ دوشِ مصطفيٰ، سَيِّدُالاَسْخِيا حضرتِ سيِّدُنا امامِ حَسَنِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻه ڀيرا پنهنجي گهر جو سمورو ۽ ٽي ڀيرا اڌ مال ۽ اسباب راهِ خدا ۾ خرچ فرمايا.

اے سخی ابن سخی اپنی سخا	سے دو حصہ سید عالی حشم

صَـلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!	صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (20) تلاوت جو شوق

حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هر رات سورة الڪَهف جي تلاوت فرمائيندا هئا: اها مبارڪ سورت هڪ تختيءَ تي لکيل هئي، اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي جنهن گهر واريءَ ڏانهن تشريف کڻي ويندا هئا اها مبارڪ تختي ٻه پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان گڏ هوندي هئي.

صَـلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!	صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (21) امامِ حسن جا معمولات

حضرتِ سَيِّدُنا ابُو سَعِيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا:حضرتِ سَيِّدُنا اَميرِ مُعَاوِيَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن هڪ ڀيري مديني منوره جي هڪ قريشي شخص کان سَيِّدُنا امامِ حَسَن بن علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي متعلق دريافت فرمايو تہ ان عرض ڪيو :اي اميرُالْمؤمنين! شهزاده حضورنمازِ فجر ادا ڪرڻ کان بعد سج نڪرڻ تائين مسجد النبوي الشّريف ۾ رهئي

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

تشريف فرما هوندا هئا، پوءِ ملاقات جي لاءِ آيل مُعَزّزين سان ملاقات ۽ گفتگو فرمائيندا هئا، ايتري تائين جو ڪجھ ڏينهن نڪري ويندو هو، پوءِ ٻه رڪعت نماز ادا فرمائيندا هئا، ان کان پوءِ امّهات المؤمنين جي بارگاھ ۾ حاضري ڏيندا هئا ۽ سلام پيش ڪندا هئا، بعض اوقات امّهات المؤمنين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ اوهان کي ڪجھ تحفو پيش فرمائينديون هيون. ان کان پوءِ اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي گھر تشريف ڪٽي ايندا هئا. اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ شام جي وقت به ائين ئي ڪندا هئا، پوءِ ان قريشي شخص چيو :اسان مان ڪو به سندن جي برابر مرتبي جو ڪونهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (22) مديني کان مڪي تائين 20 ڀيرا پيدل سفر

حضرتِ سَيِّدُنا محمّد بن علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: مونکي حياءُ ايندي آهي تہ مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان هن حالت ۾ ملاقات ڪريان جو ان جي گھر جي طرف ڪڏهن نہ هليو هجان. اهڙي طرح اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ 20 ڀيرا مدينة المنوره کان پيدل مڪّة الڪرّمہ جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (23) غلام آزاد ڪري ڇڏيو

حضرتِ سيّدنا امامِ حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڀيري ڪجھ

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

مهمانن سان گڏ ماني ڪائي رهيا هئا،غلام گرم گرم شوروي جو پيالو دستر خوان تي آڻي رهيو هوءِ اهو پيالو سندس هٿان ڪريو جنهن جي ڪري شوروي جا ڦنڊا امام صاحب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي بہ ڪريا. هي ڏسي ڪري غلام گهبرايو ۽ شرمندھ لهجي ۾ ان سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 134 جو هي حصّو تلاوت ڪيو:

وَ الْكٰظِمِیْنَ الْغَیْظَ وَ الْعَافِیْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ يعني: **”۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻهن سان درگذر ڪرڻ وارا“** اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو مون معاف ڪيو. غلام وري ان آيت جو آخري حصو پڙهيو وَ اللّٰهُ یُحِبُّ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۳۴﴾ يعني: ”نيڪ ماڻهو الله جا محبوب آهن“ اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو :مون توکي الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ لاءِ آزاد ڪيو.

(روح البيان ج2ص 95 ملخصًا)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (24) جيڪڏهن هڪ ڪن ۾ گارِ ڏئي..........

حضرتِ سيّدنا امامِ حَسَن مُجتَبيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: ”لَوْ اَنَّ رَجُلًا شَتَمَنِیْ فِیْ اُذُنِیْ هٰذِهٖ وَاعْتَذَرَ اِلَیَّ فِیْ اُذُنِی الْاُخْرٰی لَقَبِلْتُ عُذْرَهٗ“ يعني جيڪڏهن ڪو منهنجي هڪ ڪن ۾ گار ڏي ۽ ٻئي ڪن ۾ معافي گهري تہ مان ضرور ان جي معذرت قبول ڪندس.

(بهجة المجالس وانس المجالس لابن عبد البر،ج 2 ص 486)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

## (25) نماز جي وقت رنگ بدلجي ويندو هو

حضرتِ سيّدنا امامِ حَسَن مُجۡتَبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جيئن ئي وضو ڪري فارغ ٿيندا هئا اوهان جو رنگ بدلجي ويندو هو .ان جي وجه پڇڻ تي فرمايائون:جيڪو شخص عرش جي مالڪ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) جي بارگاهه ۾ حاضري جو ارادو ڪري ته حق اهوئي آهي ته ان جو رنگ بدلجي وڃي. (وفياة الاعيان، ج. 2، ص. 56)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (26) ڪتي تي شفقت ڪرڻ وارو باڪمال غلام

حضرتِ سيّدنا امامِ حَسَن مُجۡتَبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن مدينةُ الۡمنوره جي هڪ باغ ۾ هڪ اهڙي سياهه فام (يعني ڪاري) غلام کي ڏٺو جيڪو هڪ گرهه پاڻ پيو کائي ۽ هڪ پنهنجي ڪتي کي پيو کارائي.اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ان وٽ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون:توکي هن ڳالهه تي ڪنهن اياريو؟ ان عرض ڪيو: مونکي هن ڳالهه کان حياءُ (يعني شرم) ايندي آهي ته پاڻ ته کاوان پر ان کي نه کارايان. سندن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي اها ڳالهه تمام پسند آئي ان کي ارشاد فرمايائون: منهنجي واپسي اچڻ تائين اتي ئي ويهجو. هي فرمائي ڪري اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ان جي مالڪ وٽ تشريف کڻي ويا ۽ ان کان اهو غلام ۽ باغ خريد فرمايو ۽ غلام کي آزاد فرمائي ڪري باغ ان کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيو. غلام به عقل مند هو ۽ راهِ خدا ۾ خرچ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

ڪرڻ جي اهميت کان آگاهہ هو، تنهنڪري ان فورًا عرض ڪيو:”يَا مَوْلَایَ! قَدْ وَهَبْتُ الْحَائِطَ لِلَّذِی وَهَبْتَنِیْ لَهٗ“ يعني اي منهنجا آقا! مان هن باغ کي ان جي رضا (يعني خوشنودي) جي خاطر هبہ (Gift) ڪريان ٿو جنهن جي رضا جي لاءِ اوهان مون کي هي عطا فرمايو آهي .
(تاريخ بغداد، ج. 6، ص. 33، رقم 3059)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (27) امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي جو خواب

حضرتِ سَيِّدُنا عِمران بن عبد الله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ خواب ڏٺو تہ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اکين جي درميان ”قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ“ لکيل آهي. اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هي خوشخبري پنهنجي اهل بيت کي ٻڌائي. انهن جڏهن واقعو تابِعي بُزُرگ حضرتِ سَيِّدُنا سعيد بن مُسَيِّب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون بيان ڪيو تہ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: جيڪڏهن واقعي هي خواب ڏٺو آهي تہ ان جي عمر جا ڪجهہ ئي ڏينهن باقي رهجي ويا آهن. هن واقعي جي ڪجهہ ڏينهن بعد امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو وصال ٿي ويو. (الطبقات الكبير لابن سعد، ج. 6، ص. 376)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

## (28) اهڙي مخلوق پهريان ڪڏهن به نه ڏٺي

وفات جي قريب حضرت سَيِّدُنا امامِ حُسَين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏٺو ته حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گهٻراهٽ ٿي رهي آهي. اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي تسڪين جي لاءِ عرض ڪيو: ادا جان! اوهان ڇو رنجيده آهيو؟ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خدمت ۾ اوهان کي عنقريب حاضري جي سعادت نصيب ٿيندي ۽ اهي ٻئي اوهان جا آباء (نانا جان ۽ بابا جان) آهن، ۽ حضرتِ خديجةُ الڪبرٰي، حضرتِ فاطِمہ زهرا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي بارگاهه ۾ حاضري ٿيندي ۽ اهي ٻئي اوهان جون امهات (ناني جان ۽ امي جان) آهن. حضرت قاسم ۽ طاهر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو ديدار نصيب ٿيندو ۽ اهي اوهان جا ماما جان آهن ۽ حضرتِ حَمْزه ۽ جعفر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سان ملاقات ٿيندي ۽ اهي اوهان جا چاچا آهن. حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: اي ڀاءُ! اڄ مان هڪ اهڙي معاملي ۾ داخل ٿيڻ وارو آهيان جنهن ۾ پهريان ڪڏهن به داخل نه ٿيو هئس ۽ اڄ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي خلق مان اهڙي مخلوق کي ڏسي رهيو آهيان جنهن جي مثل مان ڪڏهن به نه ڏٺي. (تاريخ الخلفاء ص 153 ملخصا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شهادت جو سبب

حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي زهر ڏنو ويو. ان

**فرمان مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

زهر جو اوهان رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي اهڙو اثر ٿيو جو آنڊا ٽڪرا ٽڪرا ٿي خارج ٿيڻ لڳا، 40 ڏينهن تائين اوهان رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي سخت تڪليف رهي .

## وفات حسرت آيات

امامِ عالي مقام، امامِ عرشِ مقام، امامِ هُمَّام حضرتِ سَيِّدُنا امام ابُو محمد حَسَن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ 5 ربيع الاول 50هـ مدينۃُ الْمنوّره ۾ هن فاني جهان کان رحلت فرمايائون (يعني وفات ڪيائون). اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ (صفة الصفوة، ج. 1، ص. 386) هي بہ چيو ويو آهي تہ 49 هـ ۾ وفات ٿي. بوقت شهادت حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عمر شريف 47 سال هئي. (تقريب الهذيب لا بن حجر عسقلاني، ص 240)

## (29) نمازِ جنازه

اوهان رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نمازِ جنازه حضرت سَيِّدُنا سَعِيْد بن العاص رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پڙهائي جيڪي ان وقت مدينۃُ المنوّره جا گورنر هئا. حضرتِ سَيِّدُنا امام حُسين رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اوهان رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي جنازو پڙهائڻ جي لاءِ اڳيان وڌايو . (الاستيعاب، ج. 1، ص. 442)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (30) جنازي ۾ ماڻهن جي رش

حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجْتَبٰي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جنازي ۾ ايتري قدر جمِّ غفير (Crowd) هو، جو حضرتِ سَيِّدُنا ثَعْلبہ بن ابي

**فرمان مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيس، اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي جنّت الْبَقيع ۾ (پنهنجي والِده ماجِده جي پيرن ۾) دفنايو ويو، مون جنّت الْبقيع ۾ ماڻهن جو ايتري قدر ازدحام (هجوم) ڏٺو جو جيڪڏهن سوئي به اڇلائي وڃي ها ته (رش جي سبب ڪان) اها به زمين تي نه ڪِري ها بلڪ ڪنهن نه ڪنهن انسان جي مٿي تي ڪري ها. (الاصابة، ج. 2، ص. 65)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## امامِ حَسَن جي اَولاد

اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ڪثير اولاد هئي، امام ابنِ جَوزِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اوهان جي شهزادن جي تعداد 15 ۽ صاحبزادين جي تعداد 8 لکي آهي. (المنتظم، ج. 5، ص. 225) جڏهن ته امام محمد بن احمد ذهبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي 12 شهزادن جا نالا لکيا آهن: حَسَن، زيد ، طلحه، قاسِم ابُوَ بَڪر ۽ عبدالله انهن ڇهن پنهنجي چاچا جان سَيِّدُالشهداء حضرتِ سَيِّدُنا امام ِحُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان گڏ ميدان ڪربلا ۾ جامِ شهادت نوش ڪيو. بقيه ڇهه هي آهن: عَمْرو، عبد الرحمٰن، حُسين، محمد، يعقوب ۽ اسماعيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم حضرت سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي آل (يعني حسيني سيّدن) جو سلسلو حضرتِ سيِّدُنا حَسَن مُثني (مُ-ثَنَّ-نا) ۽ حضرت سَيِّدُنا زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان هليو. (سير اعلام النبلاء، ج. 4، ص. 401)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُنّين سُنّين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ













MC 1286

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net

www.dawateislami.net